SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XXI مجريہ 1974

SINDH ACT NO.XXI OF 1974

سنڌ سروس ٽريبونلز (ٻي ترميم) ايڪٽ 1974

THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (SECOND AMENDMENT) ACT, 1974

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ XV مجريہ 1973 جي دفعہ 3 ۾ تبديلي.

Amendment of section 3 of Sindh Act XV of 1973.

3. سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعہ 3_A جو اضافو.

Insertion of section 3-A in Sindh Act, XV of 1973.

4. سنڌ حڪم نامي XV مجريہ 1974 جي منسوخي.

Replace of Sindh Ordinance XV of 1974.

سنڌ ايڪٽ نمبر XXI مجريہ 1974

SINDH ACT NO.XXI OF 1974

سنڌ سروس ٽريبونلز (ٻي ترميم) ايڪٽ 1974

THE SINDH SERVICE TRIBUNALS (SECOND AMENDMENT) ACT, 1974

[23 نومبر 1974]

تمهيد (Preamble)

هن ايڪٽ جي توسط سان سنڌ سروسز ٽريبيونلز (ٻي ترميم) ايڪٽ 1973 ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

هن ايڪٽ جي توسط سان سنڌ سروس ٽريبيونلز ٻيو ترميم ايڪٽ 1973 ۾ اضافي ترميم ڪرڻ مقصود آهي تہ جيئن هن کي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل بڻايو وڃي.

هن کي هن ريت بدلايو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سروسز ٽريبيونلز (ٻي ترميم) ايڪٽ 1974 چيو ويندو.

سنڌ ايڪٽ XV مجريہ 1973 جي دفعہ 3 ۾ تبديلي.
Amendment of section 3 of Sindh Act XV of 1973

2. سنڌ سروسز ٽريبيونل ايڪٽ مجريہ 1973 جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ هيٺين ترميم آندي ويندي ۽ سمجهيو ويندو تہ اها ترميم ان ۾ هميشہ لاءِ هئي:

”(4) ٽريبيونل جو چيئرمين ۽ ميمبر حڪومت جي طئي ٿيل شرطن مطابق ٽن سالن لاءِ مقرر ڪيا ويندا؛ حڪومت مناسب سمجهي تہ ڪنهن جو بہ منصبي مدو وڌائي سگهي ٿي.“

سنڌ ايڪٽ XV ۾ دفعہ 3_A جو اضافو.
Insertion of section 3-A in Sindh Act, XV of 1973

3. ترميم هيٺ ايندڙ ايڪٽ جي دفعہ 3 کانپوءِ هي شامل ڪيو ويندو ۽ ڄاتو ويندو تہ اهو ان ۾ هميشہ کان شامل هو.

"3_A (1) جيڪڏهن حڪومت جو خيال آهي تہ ٽربيونل جو چيئرمين يا ڪو ميمبر طبي يا ذهني مفلوجيءَ طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻ کان قاصر آهي، يا غلط ڪاريءَ جو ڏوهي آهي، تہ حڪومت ٽن ميمبرن تي ٻڌل هڪ ڪاميٽي جوڙي مامري تي جاچ ڪرائيندي، پر ان ڪاميٽيءَ جو اڳواڻ ٽربيونل جي چيئرمين کان گهٽ رتبي وارو نہ هوندو.

(2) پوءِ، جيڪڏهن انڪوائري ڪرڻ کانپوءِ، ڪاميٽي رپورٽ ڏئي ٿي تہ چيئرمين يا ڪو ميمبر ڊيوٽي ڏيڻ لائق نہ آهي يا غلط ڪاريءَ ۾ ملوث آهي تہ حڪومت دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (4) جي روشنيءَ ۾ انهيءَ چيئرمين يا ميمبر کي هٽائي ڇڏيندي.

وضاحت: هن ذيلي دفعہ جي مقصد لاءِ "غلط ڪاريءَ" جو مطلب آهي منصبي ضابطن جي بهتر طريقي خلاف ڪم يا مغربي پاڪستان سرڪاري ملازمن (جي منصبي طريقي) وارن 1966 جي قاعدن خلاف يا چيئرمين يا ميمبر طرفان اهڙو قدم کڻڻ جنهن مان پاڻ کي سنو عمدار يا ماڻهو ثابت نہ ڪرڻ، سياسي اثر رسوخ کي اثرانداز ڪرڻ يا ان جي ڪوشش ڪرڻ، ۽ سزا، رٽائرمينٽ يا ملازمت جي ۽ هنن ڳالهين ۾ حڪومت، چيئرمين يا ميمبر تي زور بار وجهڻ:

(i) بداخلاقين تي مليل سزا،

(ii) نسلي، گروهي يا سياسي تنازعن ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ،

(iii) ٽربيونل هلائڻ وارو قاعدن لاءِ مسلسل هتڪ آميز رويو رکڻ،

(iv) جائز ذريعن کان وڌيڪ رهڻي ڪهڙي جي ثابتي ڏيڻ.

(3) هن دفع هيٺ، جانچ جي مقصد لاءِ ڪاميٽيءَ کي ڪوڊ آف سول پروسيجر 1908 (ايڪٽ تي مجريہ 1908) جي روشنيءَ هيٺ ڄاڻايل مامرن لاءِ سول ڪورٽ جا اختيار حاصل هوندا:

(a) سندن اڳيان ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي حاضر ٿيڻ جو پابند بڻائڻ ۽ حلف تي کائنس پڇاڳاڇا ڪرڻ،

(b) گهربل دستاويزات طلب ڪرڻ يا حاضر ڪرڻ کي پابند بڻائڻ؛

(c) حلفيہ بيان تي شاهدي وٺڻ،

(d) شاهدين يا دستاويزات جي چنڊچاڻ لاءِ ڪميشن جوڙڻ.

4. هن سان سنڌ سروسز ٽربيونلز (ٻي ترميم) حڪم نامو نمبر XV مجريہ 1974 منسوخ ٿي ويو.

سنڌ حڪم نامي XV مجريہ 1974 جي منسوخي.
Replace of Sindh Ordinance XV of 1974

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.